احسان دانش

# شاهہ لطيف جا منفي ۽ مثبت ڪردار ۽ سندن سماجي ڪارج


### *Abstract*

**Negative and positive characters of Shah Latif's poetry and their social utility**

*Shah Abdul Latifs' poetry has a great literary as well as social importance and it has its own multidimensional artistry. The base of his poetry is mysticism. His mysticism is not traditional, but revolutionary. His philosophical and mystic thought has been textured with such rhythm and reality that it created an amazing ecstasy. The personality and intellect of Shah Latif is not only a great source of inspiration for Sindhi society but from last two and a half centuries. It would not be wrong to say that Sindhi poetry has been under the influence of his authority.*

*The art of expression, diction, themes, symbols, imagery, characters and values, with which Bhittai has blessed Sindhi poetry, is unique in the sense that the words, phrases and metaphors used in his poetry have been picked up from the lap of this land. He incorporated the history and culture of his soil into his self, penetrated into the hearts of the people inhabiting this land, took sorrows and pains of the people as his own, planted dreams of his people in his own eyes and then made his poetry as the realization of their long cherished dreams.*

*He chose all the characters of his poetry from his society and communicated his philosophy of life to them, in a familiar and folklore tone. This is the reason that his poetry is effective and appealing. In this paper, I have tried to find out the positive and negative characters of Shah Latif's poetry and analyzed their social utility with reference and proved that poetry of Latif is an authentic portrait of Sindhi society and culture.*


**شاهہ لطيف** سنڌي سماج جو عڪاس شاعر آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ انساني ڪردار جي منفي ۽ مثبت پهلوئن کي واضح ڪندي ۽ سندن سماجي ڪارج بيان ڪندي، سنڌي سماج جو مجموعي نقشو چٽيو آهي. اها ڳالهہ واضح آهي تہ ڀٽائيءَ جي شاعري نہ رڳو پنهنجي دور جو آئينو آهي، پر ان ۾ ڪانئس اڳ وارين سماجي حالتن جو اولڙو بہ پسي سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح شاهہ سائين پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي ۽ پاڻ کان اڳ





واري دور جي مختلف ڪردارن کي پيش ڪري ماڻهن جي ذهني، فڪري، نفسياتي ۽ سماجي معاملن تي روشني وجهندي، انسان شناسيءَ جو درس ڏنو آهي.

شاهہ لطيف، جنهن سماج ۾ اک کولي، اهو انتهائي انتشار ۽ ڀڃ ڊاهہ جي مرحلي مان گذرندڙ سماج هو. ان وقت اسان کي تعمير کان وڌيڪ تخريب جو عمل نظر اچي ٿو. ماڻهو ذهني ۽ نفسياتي مونجهارن جو شڪار هئا. هڪ پاسي ڌاڙ ۽ ڌڪاءُ هو، تہ ٻي پاسي سادگي پسند ۽ پُر امن ماڻهو، جيڪي انهن ڌاڙ جي ڏونگرن کي برداشت ڪيو ويٺا هئا. اهڙي صورتحال ۾ سماج اندر چڱا ۽ برا ڪردار پيدا ٿيڻ هڪ فطري عمل آهي. شاهہ جي رسالي ۾ هونئن تہ ڪيئي منفي ۽ مثبت ڪردار ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر هتي آءٌ انهن مان چند اهم ڪردارن تي روشني وجهندس، جنهن سان نہ رڳو سندن سماجي ڪارج پڌرو ٿيندو، پر سنڌي سماج جو مجموعي خاڪو بہ اسان جي سامهون واضح ٿيندو.

شاهہ سائين رسالي جي، سُر سريراڳ ۾ فرمايو آهي:

چڱا ڪن چڱائيون، مَٺايون مَٺَنِ،
جو وَڙُ جُڙي جن سين، سو وَڙُ سيئي ڪَنِ.
(سُر سريراڳ، داستان چوٿون)

ان هڪڙي ئي بيت ۾ ڀٽائي چڱن ۽ مَٺن جي پرک ۽ سڃاڻپ جو معيار ٻڌائي ڇڏيو آهي، يعني چڱي ماڻهو جي سڃاڻپ ئي اها آهي تہ هو هميشہ چڱائيءَ لاءِ سوچيندو ۽ چڱو عمل ڪندو. هو انفرادي طور هر ماڻهوءَ لاءِ ۽ اجتماعي طور پوري سماج لاءِ، نہ رڳو سٺو سوچيندو، پر سندس ڪردار ۽ عمل مان سدائين چڱائيءَ جي خوشبو ايندي. ان جي ابتڙ برو ماڻهو پنهنجن لڇڻن مان ئي پڌرو هوندو آهي. سندس سوچ ۽ مزاج، قول ۽ فعل سدائين منفي هوندو آهي. ڪيس چڱائيءَ جو رند ۽ پنڌ قبول نہ هوندو آهي، تنهن ڪري شاهہ سائين پنهنجي تجربي ۽ مجموعي سماجي ورتاءَ مان اهو نتيجو ڪڍي ڏنو آهي تہ جيڪو ماڻهو جهڙو سلوڪ روا رکندو، ان کي انهيءَ سلوڪ مطابق سڃاڻپ ملندي.

لاکيڻو لطيف پنهنجي سموري ڪلام ۾ مختلف علامتن ۽ اهڃاڻن وسيلي اعليٰ فڪر جي پالوٽ ڪئي آهي. هونئن تہ شاهہ جي شاعريءَ جو موضوع 'ماڻهو' آهي، پر هن پنهنجن ڪلام ۾ پکين، جيتن، جانورن، ٻوٽن ۽ گاهن کي بہ نہ وساريو آهي، پر غور ڪبو تہ انهن ساهوارن جو ذڪر بہ ماڻهوءَ جي ئي حوالي سان آهي، جنهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو مثال پٽائيءَ جو هيٺيون بيت آهي، جنهن ۾ هن سماج ۾ ميٺ، محبت ۽ اتحاد جي اٽاٽ کي محسوس ڪندي ماڻهن کي پڪين جو مثال ڏنو آهي:

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڙهنئان ميٺ گهٽو.
(سُر ڏهر، داستان چوٿون)

شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ سماجي بي حسي ۽ بيقدريءَ جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي. هو پنهنجي سماج ۾ انهن قدردانن جي گهٽي کوٽ محسوس ڪري ٿو، جن جا اندر اجرا ۽ نظر گهري هوندي آهي، جيڪي سچن موتين جا پارکو ۽ وينجهار هوندا آهن. شاهہ سائين اهڙن املهہ ڪردارن کي سچن صرافن سان ڀيٽي ٿو، جيڪي اک ۾ خوردبيني وجهي، سچن ۽ ڪوڙن موتين جي پرک ڪندا آهن.

قدر وارا ڪم ٿيا، ڪُٺا خريدار،
پاٽيٺَ جي پرکٽا، وِيا سي وينجهار،
ڪُنيَرُ پائي اکيين، لهن سپ ڪنهن سار،
صرافنئون ڏار، ماڻڪ ملاحظو ٿئي.
(سُر سريراڳ، داستان چوٿون)

پٽائي نہ رڳو اهڙن ماڻهن جي ڪمي ۽ ڪال جو افسوس ٿو ڪري، پر ڪيس ان ڳالهہ جو بہ ارمان آهي تہ سندن پوئنيرن ۾ اهي خوبيون ۽ خصلتون نہ آهن.

ويا سي وينجهار، هيرو لعل ونڌين جي،
تنين سندا پوئيان، سيهي لهن نہ سار،
ڪُٽن ڪُٽِ لُهارَ، هاڻي انهن پيٽيين.
(سُر سريراڳ، داستان چوٿون)

فردُ سماج جو بنيادي ايڪو آهي، تنهن ڪري سماج جي اڏاوت ۽ اعليٰ رتبو بہ سندس عمل ۽ ڪردار سان سلهاڙيل آهي. ان جو مثال اهو آهي تہ جڏهن ڪنهن هڪ ديس جو ماڻهو ڪنهن ٻئي ديس ۾ ويندو آهي تہ اهو جهڙوڪر پنهنجي ديس، ڌرتيءَ ۽ سماج جو سفير هوندو آهي ۽ سندس ئي خوبين ۽ خامين جي بنياد تي سندس ديس جي سڃاڻپ ٿيندي آهي، تنهن ڪري جڏهن انفرادي طور ماڻهو پنهنجي عمل ۽ ڪردار ۾ ڪوڙو، ڪُڌو ۽ ڪرپ لائق بڻجي ٿو تہ ان جو اثر ان سماج تي بہ پوي ٿو، جنهن مان هو





اسري اڀري پنهنجي شخصيت ٺاهي ٿو. جڏهن سماج ۾ برن ماڻهن جي گهڻائي ٿي وڃي ٿي تہ سڄو معاشرو گندي ۽ سينواريل تلاءَ جهڙو ٿي پوي ٿو. جڏهن چڱن عملن وارا ۽ سچائيءَ جا پارکو انسان دنيا ۾ نہ ٿا رهن ۽ سندن اولاد بي عمل، بد ڪردار ۽ بيڪار بڻجي پوي ٿو تہ سماج تي بہ ناڪاري اثر پون ٿا. اهڙيءَ ريت اهڙا ڪاهل، ڪمزور، بي عمل ۽ بدڪردار انسان آهستي آهستي سڄي سماج کي گندو ۽ گدلو بڻائي ڇڏين ٿا. لاڪيڻي لطيف اهڙن ماڻهن لاءِ ڪَنگَ جي علامت استعمال ڪئي آهي:

اڇو پاڻي لُڙ ٿئو، ڪالورئو ڪنگن،
ايندي لڄ مرن، تنهن سَر مٿي هنجڙا.
(سُر ڪارايل، داستان پهريون)

جڏهن اهي ڪنگن جهڙا گدلا ماڻهو پنهنجي سماج کي گدلو ڪري ڇڏين ٿا تہ اتي هنجن جهڙا سهڻا ۽ سلڇڻا انسان رهڻ کان ڪيٻائين ٿا. اهو شاهہ جو شاعراڻو ڪمال آهي جو مٿين بيت ۾ هن ماڻهوءَ جو نالو کڻڻ بنا سڄي ڳالهہ اهڙي تہ خوبصورت نموني بيان ڪئي آهي جو ان جو معنوي حسن ٻيڻو ٿي وڃي ٿو. تنوير عباسي ان بيت لاءِ لکيو آهي: ”جي شاهہ لطيف سڌو سنئون چئي ها تہ: ’غلط قسم جي ماڻهن ماحول کي خراب ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري ان ماحول کان سڌي سنئين قسم جا ماڻهو گهٻرائين ٿا ۽ اتي ايندي انهن کي شرم ٿو اچي‘. تہ اهڙي اظهار ۾ ڪابہ دلڪشي ڪين ٿئي ها، ان ۾ ڪا شاعراڻي ڳالهہ ڪين پيدا ٿئي ها.“[1]

برو ۽ بد ڪردار ماڻهو سدائين چڱن جو دشمن ٿئي ٿو. اهڙي دشمن کي لطيف سائين ’ڪَرُ‘ سڏيو آهي. اهو ڪَرُ پنهنجي مزاج ۽ فطرت مطابق چڱن لاءِ سدائين ڪڏ کوٽيندو رهي ٿو، پر چوڻي آهي تہ ’جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي‘. سو ڪڏهن ڪڏهن ٻي لاءِ ڪڏ کوٽيندڙ پاڻ ئي وڃي ان ڪڏ ۾ ڪرندو آهي. ڀٽائيءَ اهڙي ئي ٻجڙي، بد ڪردار، بي عمل ۽ غيبتي انسان بابت ٻڌائي ٿو:

ڪرَ جا ڪڏ ڪنئي، پوڻ ڪارڻ پرينءَ جي،
تنهن ۾ پاڻ پئي، غيبتي سو غار ٿيو.
(سُر آسا، داستان ٽيون)

اهڙا ڪَرَ جن جي سوچ ۽ عمل برو آهي، جيڪي سدائين ٻئي لاءِ ڪڏ کوٽين ٿا، انهن کي لطيف سرڪار سُر ڪارايل ۾ ’ڪُپُر‘ سڏيو آهي. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ:

”جنهن ڪپُر ڪي ڪير پيئاريو انهيءَ ڪپر ڪيس ڏنگي وڌو“. سو اهي ڪَرَ ۽ ڪُپَرَ وري پنهنجي فطرت مطابق جو ڳين جا ئي ويري بڻجي پون ٿا:

ڪـپُـرَ گـاروڙيـن سـيـن، وڏو وڌوءِ ويـرُ،
نـانـگ نـه ويـنـديـن نـڪري، تـو ڏر مـٿـي پـير،
هيءُ تنين جو ڍير، جن جهـونا ڳـڙهـ جلائيو.
(سُر ڪارايل، داستان پيو)

شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ سماج جي جن ڪُڌن ڪردارن جو ذڪر ڪيو آهي، انهن مان هتي ذخيره اندوزن جو ذڪر ڪرڻ به ضروري آهي. ڀٽائي انهن کي ’موذي‘ سڏيو آهي ۽ کين بد دعا به ڏني آهي. سُر سارنگ جو اهو بيت ملاحظہ ٿئي، جنهن ۾ اهڙي بد دعا ڏنل آهي:

حڪم ٿيو بادل کي، تہ سارنگ ساٿ ڪجن،
وڄون وسڻ آئيون، ٿهہ ٿهہ مينهن ٿمن،
جن مهانگو لَهِي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن،
ڏڪاريا ڏيهن مان، شل موذي سپ مرن،
وري وڏي وَسَ جون، ڪِيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چئي سين، آهِ توهِ تنهنجي آسرو.
(سُر سارنگ، داستان چوٿون)

ڊاڪٽر بشير احمد شاد پنهنجي ڪتاب ’عرفانِ لطيف‘ ۾ مٿين بيت جي ڏاڍن سهڻن لفظن ۾ تشريح ڪئي آهي. هو لکي ٿو: ”مالڪ مختيار جي طرفان ککرن کي حڪم ٿيو تہ وسڪاري جا ڀرپور انتظام ٿين. ان حڪم تي مختلف طرفن کان ککرن ڪَرَ ڪڍيا ۽ مڙي مانداڻ مچايو. وڄن بہ ککرن منجهان چمڪي چڳو ڇهڇٽو لاتو. ٿهہ ٿهہ ڪري مينهن ٿمڻ لڳو. اهڙو رحمت ڀريو ماحول ڏسي ذخيره اندوزن ۽ چور بازارن جي دل هارجي وئي ۽ اهي پشيمانيءَ جا هٿ مهٽڻ لڳا. جن انهيءَ آسري تي اَنُ ميڙي لڪائي رکيو هو تہ ڏڪار پوندو تہ اسان وڏن اگهن تي وڪرو ڪندا سين، انهن جي رٿابندي خاڪ ۾ ملي ويئي. ڀٽ ڌڻي اهڙن ظالم انسانن لاءِ بد دعا ڪندي فرمائي ٿو: ” شال! اهڙا مهانگو وڪڻندڙ موذي نيست نابود ٿي وڃن. ٿر جا مالوند ۽ هاري ناري تمام گهڻو خوش آهن، انهن جي زبان تي فقط وڏي وسڪاري جون ڳالهيون آهن. اهي مالڪ مهربان جا ڳڻ ويٺا ڳائين. ويٺا چون تہ اي مولا پاڪ





تون وڏو مهربان آهين ۽ آئينده لاءِ بہ تنهنجي ئي ذات تي ننگ آهي.“[2]

شاهه سائين پنهنجي رسالي جي ’سُر يمن ڪلياڻ‘ ۾ وري سماج جي هڪ ٻئي منفي ڪردار ’نيم حڪيم‘ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن کي هن ’ڪُويڄ‘ سڏيو آهي. نيم حڪيم يا ڪُويڄ ڪنهن بہ سماج لاءِ زهرِ قاتل جيان آهي. هن جو علاجُ، شفا بدران درد ۾ واڌاري جو باعث بڻبو آهي:

ڪُنيس ڪُويڄن، تَنَ طبيب نہ گڏيا،
ڏيئي ڏنڀ ڏڏن، پاٽان ڏيل ڏکوئيو.
(سُر يمن ڪلياڻ، داستان پيو)

ڊاڪٽر تنوير عباسي هن بيت جي اهڃاڻن کي واضح ڪندي، تشريح هنن لفظن ۾ ڪئي آهي: ”هن بيت ۾ اهڃاڻ آهن ’ڪُويڄ‘ ۽ ’ڏڏ‘ - ڪُويڄ ڪيڏو نہ وسيع معنيٰ وارو اهڃاڻ آهي. اڻ پورو نہ، پر غلط قسم جو ويڄ، جنهن جو علاج ويتر مرض کي وڌائي ٿو ڇڏي. ڪُويڄ هر ان قسم جي معنيٰ ۾ اچي سگهي ٿو جيڪو غلط ۽ نقصانڪار هجي. عطائي، جيڪو انسان جي جان جو دشمن آهي؛ سائنسدان، جيڪو تباهيءَ جا سامان ٿو ايجاد ڪري؛ سياستدان، جنهن جون غلط پاليسيون سڄي قوم کي ٻوهي ۾ ڏين ٿيون؛ استاد، جيڪو شاگردن کي بداخلاق ٿو بنائي. هر اهو فرد جيڪو انسانيت لاءِ خطرناڪ آهي، جيڪو سماج، ملڪ يا قوم لاءِ نقصانڪار آهي، ان جو اهڃاڻ آهي، ’ڪُويڄ‘.“[3]

اسين جڏهن شاهه جي رسالي مان منفي ڪردار ڳوليون ٿا تہ خاص طور سُر سسئي آبري ۽ سُر ديسي ۾ ’سسئي جا ڏير‘ بہ اهڙا ئي ڪردار محسوس ٿين ٿا. حقيقت ۾ پنهونءَ جا اهي ڀائر سسئيءَ جا ويري هئا، جيڪي سندس وَرَ کي رات جي انڌيري ۾ ڪٺي ويا. انهيءَ انڌ ۾ انڌوڪار سسئيءَ کي پاهڻن جا پنڌ ڪرايا. سسئيءَ جو داستان پڙهندي سسئيءَ جا ڏير سماج جا ڌڪار لائق ڪردار محسوس ٿين ٿا. انهن کان جيئن سسئيءَ نفرت ٿي ڪئي، تيئن ڀٽائيءَ بہ کين حقارت جي نگاهه سان ڏٺو آهي ۽ سُر ديسيءَ جي مختلف بيتن ۾ انهن جو ذڪر ڪندي سسئيءَ جي زباني سندن منفي عمل کي ڌڪار لائق قرار ڏنو آهي.

وارو وَرُ وٺي ويا، ڏيرَ ڪري ڏورو.
(سُر ديسي، داستان چوٿون)
وارو وَرُ وٺي ويا، ڏاڙهيءَ ڀنيا ڏيرَ.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(سُر ديسي، داستان چوٿون)

وارو وَرُ وني ويا، ڪري ڏيرَ ڏمر.

(سُر ديسي، داستان چوٿون)

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آئون ڏٺي.

(سُر ديسي، داستان ڀهريون)

اُٺ ويري، اوٺار ويري، ويري ٿيئڙم ڏير.

(سُر ديسي، داستان ڀهريون)

ڏمرُ ڏيرن من ۾، ڪندا ايئن ڪهي.

(سُر سسئي آبري، ابيات متفرقہ)

ڏيندا مون ڏير ويا، جِهجَڻُ ۽ جهوري.

(سُر سسئي آبري، داستان پنجون)

سنڌي سماج ۾ شاهہ لطيف کي ڪي ٿورا ئي چڱا ڪردار نظر آيا، جن جو هن پنهنجي ڪلام ۾ ذڪر ڪيو آهي. حقيقت ۾ شاهہ لطيف جو ڪمال اهو آهي تہ هو پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي دور کان اڳ جا ڪي اهڙا ڪردار ڪڍي آيو آهي جن کي آئيڊيل ڪردار چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ ان دور ۾ مرڪزي حيثيت حاصل هئي. ٿي پنهنجي سماج ۾ وڌندڙ افراتفري ۽ ڌارين جي حملن ۽ يلغارن ۾ ورتل ماڻهن کي ذهني دٻاءَ ۽ گهٽتائيءَ جي احساس مان ڪڍڻ ۽ ڪين همت ۽ حوصلو ڏيارڻ لاءِ ئي اهڙا عظيم ڪردار شعوري طور پنهنجي شاعريءَ ۾ آندا، پر حقيقت اها آهي تہ اڄ بہ سماج ۾ انهن ڪردارن جي اوتري ئي اهميت آهي جيتري ڪالهہ هئي. اهي اتساهڪ ڪردارَ سماج ۾ چڱائي، جدوجهد، بهادري ۽ حب الوطنيءَ جي علامت ٿي اڀريا. سنڌي سماج ۾ انهن ڪردارن پنهنجي قصا ۽ ڪهاڻيون اڳي ئي موجود هيون، تنهن ڪري ڀٽائي انهن کي ورجائي تفصيل سان بيان نہ ڪيو آهي. بلڪ انهن منجهان ڪارائتا نڪتا ڪڍي نروار ڪيا آهن. انهن قصن ۽ ڪهاڻين ۾ موجود مافوق الفطرت واقعن کي بہ لطيف درگذر ڪيو آهي. شاهہ سائين پنهنجي ڪمالِ فن سان انهن لوڪ قصن ۾ موجود ڪردارن کي اهڙن املهہ سورمن ۽ سورمين جي صورت ڏني، جيڪي ڪڏهن بہ فنا نہ ٿا ٿي سگهن.

”لطيف پنهنجي شاعري ۽ فڪر جي وسيلي جيڪي ڪردار تخليق ڪيا آهن، انهن جي پوئتان ڪو نہ ڪو سماجي ۽ اخلاقي پس منظر آهي، جنهن ڪان انهن ڪردارن کي الڳ ڪري، انهن بابت ڪا راءِ قائم ڪري نہ ٿي سگهجي. پوءِ اهو ڪردار سسئيءَ جو هجي يا سهڻيءَ جو، مومل جو هجي يا سورٺ جو، ليلا جو هجي يا نوري نماڻيءَ جو، مطلب تہ هر ڪردار جو پنهنجو پنهنجو سماجي پس منظر ۽ ان جي عمل جو اخلاقي ميدان آهي، جنهن ۾ اهو ڪردار جنم وٺي ٿو، سرجي ۽ سنورجي ٿو ۽ پنهنجي عمل جي مختلف لوازمات سان نتيجا پيدا ڪري پنهنجي تشخص جو اثر ڇڏي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو لطيف جا ڪردار پنهنجي حسن، هڳاءَ، سچائيءَ، سرويچيءَ، ڪميا، ڪانڌ، نياز ۽ نئڙت، بهادري ۽ بيباڪيءَ، سٻر ۽ سورهيائيءَ جي لحاظ کان ادب توڙي ثقافت جي تاريخ ۾ لافاني حيثيت رکن ٿا.“[4] شاهہ جي شاعريءَ ۾ جيڪي مثبت ڪردار ملن ٿا، انهن مان هڪڙا عملي طور متحرڪ ۽ جدوجهد ڪندي نظر اچن ٿا ۽ ٻيا وري پنهنجي قول، فعل ۽ چڱن گڻن سبب اهميت جا حامل آهن. سُر ڪارايل ۾ شاهہ سائين چڱن ماڻهن کي هنج سان ڀيٽي ٿو ۽ سندن عادتن ۽ طور طريقن کي ساراهيندي فرمائي ٿو تہ، ڪو بہ هنج ميرو نہ ٿو ٿي سگهي، اهي جنهن سرَ تي رهن ٿا ان کي سرهو ڪري وجهن ٿا:

هنج مڙوئي هنج، ميرو منجهن ناهہ ڪو،

جتي رهن سنجهہ، سو سر ڪن سرهو.

(سُر ڪارايل، داستان ڀهريون)

جيئن هنجُ سٺين عادتن جو اهڃاڻ آهي، تيئن ڪانئيرو ۽ ڪنگ وري برن لڇڻن جي علامت آهي، جنهن جو اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. ڀٽائي، ڪنگن جهڙا ڪنا ماڻهو پسند نہ ٿو ڪري، پر هنجن جهڙا سيبتا، سهڻا ۽ سلڇڻا ماڻهو چاهي ٿو، جيڪي سينواريل تلاءَ جهڙي سماج کي سنوارين ۽ سرهو ڪن. اهڙا سهڻا ۽ سلڇڻا انسان سدائين سيني جو ڀلو چاهيندا آهن، ڇو تہ اهي پاڻ ڀلا هوندا آهن. سندن ٻاجهہ جو ڪو انت نہ هوندو آهي ۽ خطاوار تي بہ ديا ڪندا آهن:

ڀلا ئي آهين، پرين ڀلائيءَ پانهنجي،

سٻاجها سِرِ چڙهيو، ڏوراپو نہ ڏين،

مان ڏي مديون ٿين، سَڄَڻَ سَڄاڻِ ۾.

(سُر ڪنڀات، داستان ڀهريون)

شاهہ جي رسالي ۾ جيڪي املهہ ڪردار موجود آهن ۽ جن پنهنجي ڪردار ۽ عمل وسيلي سماج ۾ چڱائيءَ جو سلو پوکيو، انهن ۾ ڏهہ سخي سردار ۽ ڏاتارَ: ڄام ڪرن، ابڙو اگهام، ڄام راهو، ڏياچ ويراڻي، ڄام سپڙ ويراڻي، ڄام سپڙ چوٿاڻي، ڄام

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جڪرو اوڍاڻي، ٿانور پٽي، ڄام انڙ، ڄام جڪرو ڳهڙ راءِ ۽ لاکو ڦلاڻي اهم آهن. شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن سخي سردارن جي ساراهه جا ڏُڪَ پريا آهن. بظاهر ڀٽائيءَ جا اهي بيت قصيدي جي زمري ۾ اچن ٿا، پر حقيقت ۾ انهن بيتن وسيلي لاکيڻي لطيف سماج جي اهڙن ڪردارن، جيڪي بنا ڪنهن لوڀ ۽ لالچ جي مڱڻن جي گهرج پوري ڪن ٿا، انهن کي ايپاري ۽ سندن جائز تعريف ڪري، چڱائيءَ جي عمل کي هٿي ڏني آهي.

شاهه لطيف جي سُر پرڀاتيءَ ۾ انهن منجهان سماج جي هڪ مثبت ڪردارَ، لس ٻيلي جي حاڪم 'سُپڙ ڄام' جو ذڪر آهي. غلام محمد شاهواڻي، شاهه جي ان سُر ۾ موجود بيتن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ قصيدي جي ابتدائي دور سان تعبير ڪيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي: ”هن سُر جو خاص موضوع لس ٻيلي جي والي سپڙ ڄام جي سخا آهي: ٻين سردارن سخا ڪئي ته پنهنجي شان شوڪت وڏائڻ ڪاڻ ڪئي، پر سپڙ ڄام سخا ڪئي ته پنهنجي نالي وڏائڻ ڪاڻ ڪانه ڪئي، پر ڪيرت وارن جي قدرداني ۽ ڏکين ڏڏن جي مدد لاءِ ڪئي: هن خاص طرح محتاجن کي مانَ ڏنا ۽ ڏڏن کي ڏان ڏنا.“[5] هن سُر ۾ شاهه سائين سماج جي ان اتساهيندڙ ڪردار جا نغما ضرور ڳاتا آهن، پر ٻين شاعرن وانگر ڪنهن لالچ ۽ لوڀ ۾ اچي نه، پر سماج ۾ چڱائيءَ لاءِ اتساهه پيدا ڪرڻ خاطر. غلام محمد شاهواڻيءَ لکيو آهي: ”سپڙ سخي، شاهه ڏٺو ڪونه هو، پر ٻڌو هو، تنهن ڪري هن جي تعريف خوشامد جي خيال کان نه ڪيل آهي.“[6]

مُوڙهو پُٽين مڱڻا، ڪيڏانهن هُئين ڪالهه؟
لنگها! چڏ لطيف چي، اُجهڻ جا افعال،
سپڙَ دَرِ سوالَ، ڪَرِ ته قيمت آٽيين.
(سُر پرڀاتي، داستان پهريون)

مٿي ذڪر ڪيل سمورا سخي سردار ۽ ڏاتار ڀٽائيءَ جي دور کان اڳ ٿي گذريا، پر شاهه سندن ڳڻ ڳائي کين امرتا بخشي آهي. ان کان اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي ته، لطيف سائينءَ کي پنهنجي دور ۾ ڪي ٿورا ئي چڱا ماڻهو نظر آيا، تنهن ڪري هن سنڌ جي لوڪ داستانن ۽ سخي سردارن جي قصن کي ڪٽي، سماج ۾ چڱائيءَ ۽ برائيءَ جي معيارن کي پڌرو ڪيو. رسالي جي 'سُر بلاول' ۾ اهڙن سخي مردن جو چڱو ذڪر آهي، جيڪي سواليءَ کي ڪڏهن خالي نه ٿا موٽائين. ”هن سُر ۾ سمن جي سماج واري آڳاٽي دور ۾،





پيشه ور مڱڻن مڱڻهارن جو، وڏيءَ ويل اسر جو اٿي سردارن جي درن تي ڏان وٺڻ لاءِ سندن ساراهون ڪرڻ وارو ماحول سمايل آهي. اعليٰ معنوي معيار جي لحاظ سان، اهو ماحول سخا ۽ سورهيائيءَ جي ڪردارن کي روشن ڪري ٿو.“[7] ”لطيف سائين هن سُر جي سپني ڪردارن کي انساني زندگيءَ سان وابسته مسئلن جي آگاهيءَ جو ذريعو بڻائي پيش ڪيو آهي ۽ انهن جي ڏاهپ ۽ سماجي شعور سان ئي مسئلن جو حل ڳولڻ جي صلاح ڏني اٿس.“[8] انهن ڪردارن مان سڀ کان اهم ڪردار آهي ڄام جڪرو، جنهن کي ڀٽائي سماج جي هڪ آئيڊيل ڪردار طور پيش ڪيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: ”سخي جادم جڪري جي تمثيل سان، بيتن جو معنوي رخ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ ڏانهن آهي، جيڪو جهانن جي ولهن جو وارث ٿي آيو، جنهن ڏکئا ڏِکَ وهاريا ۽ آزارئا آجا ڪيا.“[9] ڊاڪٽر بشير احمد شاد به بلوچ صاحب جي انهيءَ خيال سان متفق نظر اچي ٿو. هن لکيو آهي: ”مضمون جي لحاظ کان سُر بلاول ۾ بظاهر سمن جي ڄام جڪري جي بلند ڪردار، سخاوت ۽ دليريءَ کي داد ڏنو ويو آهي، پر اصل ۾ شاهه سائين، ڄام جڪري جي اوٽ ۾ پنهنجي محبوب ۽ ٻنهي جهانن جي سردار مٿي مرسل حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي مبارڪ آمد، بلند ڪردار، سخاوت ۽ ڪرم نوازيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو چٽو چوکو ثبوت هيٺين بيت مان ملي ٿو:

جڪري جهو جُوانُ، ڏسان ڪونه ڏيهه ۾،
مُهَڙُ مڙني مُرسلين، سرس سندس شان،
'فڪان قاب قوسين او ادنيٰ'، اِيءُ ميسر ٿيس مڪان،
اِيءُ آگي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم ههڙو.“[10]
(سُر بلاول، داستان ٻيو)

لاکيڻي لطيف جي سُر سورٺ ۾ 'راءِ ڏياچ' جو ڪردار سخاوت، ايثار ۽ قربانيءَ جو عظيم مثال آهي. اهڙو سخي، تاريخ ۾ ٻيو نه ملندو، جو ته هن ڏاتار سُرَ تي سِرُ فدا ڪري ڇڏيو هو. ڏياچ جي اهڙي انمول سخا ۽ قرباني ڀٽائيءَ کي موهي وڌو ۽ هن کيس پنهنجي سورمي طور پيش ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي: ”سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جو داستان سنڌ ۾ سخين ۽ سوالين جو يادگار آهي. مڱڻهارن طرفان ساراهه سان سردارن جي مشهوري ٿي ۽ سندس ڪُوار (هَجوَ) سڀبان سربراهن جو نانءُ ناموس گهٽيو. انهيءَ ڪري سوالين جي سوال جي اهميت وڌي ۽ ڏاتار طرفان انهن جي قدرداني ٿي. مڱڻن طرفان

سوال جي صدا سدائين ڳائڻ وڄائڻ سان ٿي، ۽ ٻيجل بہ ڳائي وڄائي راءِ کان سِرُ گهريو. انهيءَ ڪري هڪ طرف هيءُ مڱڻ، مڱڻهارن جي موسيقيءَ ۾ مهارت جو داستان آهي، تہ ٻئي طرف هڪ وڏي ڏاتار جي سخاوت سان گڏ، سندس راڳ سان عشق جو داستان آهي: بلڪ راڳ جي رس ۽ اثر کان متاثر ٿي سِرُ قربان ڪرڻ جو داستان آهي."[11]

هن داستان ۾ انيراءِ کي ظالم قوت جي اهڃاڻ طور پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو پنهنجي انفرادي مقصد ۽ انا کي تسڪين ڏيڻ خاطر ڏياچ جو سِرُ ڪٽڻ چاهي ٿو. ٻئي پاسي ٻيجل جهڙو ڪلاڪار آهي، جيڪو پنهنجي فن کي زال جي ڪيل قول سبب قربان ڪري، ناجائز طرح استعمال ڪرڻ لاءِ راضي ٿي وڃي ٿو. "ڏياچ ان جي برعڪس سادگي، پاڪائي ۽ سخاوت جي علامت ۾ پيش ٿيو آهي، جنهن کي پنهنجي وچن نڀائڻ ۽ سخاوت ڪرڻ ۾ مڪتي (Salvation) نظر اچي ٿي. هن جي آڏو سِرُ، ملڪ ۽ حڪومت ڪا حيثيت نہ ٿا رکن. اهڙا اعليٰ انسان بہ هر دور ۾ ايندا رهندا ۽ پنهنجي عمل ۽ ساک سان دنيا کي سماجي سورن (Social Un rest) کان بچائڻ لاءِ جتن ڪندا رهندا."[12] ڏياچ جڏهن ٻيجل جي ساز جي سوز ۽ سرور ۾ بي خود ٿي وڃي ٿو تہ هو ان سُر ۽ ساز تان سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو، ايتريقدر جو پنهنجي پَٽَ راڻيءَ سورٺ کي بہ ان مٿان گهورڻ کان نہ ٿو ڪيٻائي. هو ان سُرَ اڳيان مال متاع ۽ محلات کي تڇ ڄاڻي ٿو ۽ ڪيس چوي ٿو تہ، تون رڳو ايترو ٻڌاءِ تہ پنهنجو سِرُ توکي ڪلهن کان ڪوري ڏيان يا هي سمورو جسم تنهنجي حوالي ڪريان؟

چارڻَ ٻولڄ ڪي ٻيو، جو گهريئي سو گهوريان،
گهرُ، سورٺ نہ پَڙي، جي تندن برابر توريان،
ڳجهي آهيم ڳالهڙي، آءُ اوري تان اوريان،
ڪ ڪلهنئون ڪوريان، ڪ جاجڪَ! جُسي سين ڏيئين؟
(سُر سورٺ، داستان چوٿون)

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ آيل بيباڪ، بهادر، سخي ۽ سرويچ ڪردارن منجهان 'لاکو ڦلاڻي' بہ نهايت اهم آهي. شاهہ سائين سُر ڏهر ۾ سندس ذڪر ڪري ڪيس امر بڻايو آهي. "هي سمن جي نڪ مان آڳاٽو سورهہ ۽ سخي سردار هو. منجهس شهسواري، سرڪشي، سورهيائي ۽ سخاوت جا فطري گڻ موجود هئا ۽ اهي گڻ ان وقت اهم سمجهيا ويندا هئا."[13] لاکو ڪڇ جي پيچ واري علائقي جي مشهور سمي سردار ڄام ڦل جو پٽ هو. "لاکو جيئن ئي جوان ٿيو تئين هن ڏٺو تہ ڪڇ توڙي سنڌ ۾ ريٻاري قوم





گهٽائيءَ ۾ آهي، جيڪا ڳجهہ ڳوهہ ۾ سمن جي خلاف سٿون پئي سٿي. جنهن تي ڄام لاکي ريٻارين جي چڱي مڙس کي سمجهايو تہ اهي سمن جي خلاف رٿائون نہ ڪن، پر ريٻارين لاکي جي ان چوڻ کي ٻُڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو، ڇو تہ ڪڇ جو وڏو حاڪم راءِ ڪنگهار ريٻارين جي طرف هو، اهو ان ڪري جو هو هڪ وڏي مالدار ريٻارڻ جي عشق ۾ قيد هو."[14] اڳتي هلي ريٻارين راءِ ڪنگهار جي ٽيڪ جو فائدو وٺندي، ڄام لاکي کي اک ڏيکارڻ لاءِ، سندس ساٿين 'جُسي ۽ جيسراج' جا ماٿو مارايا. لاکي، راءِ ڪنگهار کي قاتل جهلڻ لاءِ چيو تہ، " راءِ الٽو کيس ئي ڏوهي قرار ڏنو. نتيجي ۾ لاکو لوڙائو بڻجي ريٻارين ۽ سندن حمايتن جو دشمن ٿي اڀريو. ان سڄي پس منظر ۾ ڏسجي تہ بظاهر لاکو هڪ ڦورو ۽ ڌاڙيل آهي، پر حقيقت ۾ هو ڏاڍ ۽ ڏمر جي ديوار ڪيرائيندڙ هڪ مثالي ڪردار آهي. هن ڪردار کي اسين پيٿائيءَ جو بهادر سورمو بہ ان ڪري ئي چئون ٿا، جو لطيف سائين سندس ڪردار جي هاڪاري پاسي کي اپاريندي سندس سماجي ڪارج بيان ڪيو آهي ۽ ٻڌائڻ چاهيو آهي تہ اهڙائي حوصلہ مند ڪردار سماج ۾ حق ۽ سچ جي شمع روشن رکيو ايندا آهن.

لاکا لک سڄڻ، ڦلاڻيءَ پيرُ ٻيو،
جنهن پر راٺا راڄئا، ڪوٽن منجهہ ڪنبن،
جنهن جو جاڙيجن، سُتي سنڄو نہ لهي.
(سُر ڏهر، داستان چوٿون)

شاهہ جو ڪيڏارو حضرت امام حسينؓ ۽ سندس جان نثار ساٿين، جوڌن ۽ جهونجهارن جي قربانيءَ جي قصي سان ڀرپور آهي. قربانيءَ جو اهڙو مثال دنيا جي تاريخ ۾ ٻيو نظر نہ ٿو اچي. ڪربلا جي ميدان ۾، امام حسينؓ پنهنجن ٻچڙن ۽ ٻانهَنِ سميت دين جي بقا لاءِ جيڪا قرباني ڏني، پيٿائي سُر ڪيڏاري ۾ ان قربانيءَ جو داستان نهايت رقعت آميز نموني پيش ڪيو آهي. ان داستان ۾ نہ رڳو ڪربلا جي شهيدن جي شهادت جو ذڪر آهي، پر جنگ جي ميدان ۾ فدا ٿيندڙ سرفروشن جي بهادريءَ جو بہ زبردست بيان ٿيل آهي. اهو نہ فقط تاريخ اسلام جو هڪ وڏو سانحو آهي، پر ان واقعي کي تاريخِ عالم ۾ بہ وڏي اهميت حاصل آهي. حقيقت ۾ حضرت امام حسينؓ، حق ۽ سچ جڏهن تہ يزيد، ڪوڙَ ۽ باطل جي علامت آهن. سقراط، منصور، سرمد، شاهہ عنايت ۽ مخدوم بلاول تائين تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي امر ڪردار نظر ايندا، جن سچ خاطر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سِرُ ڏنو ۽ بظاهر کين شڪست ملي، پر اڄ ڏينهن تائين اهي سچ جي سُڃاڻپ آهن.

حضرت امام حسين رضي الله عنه ۽ سندس جانثارن کي به بظاهر شڪست ملي، پر سندن عظيم قربانين کين نه رڳو تاريخ جي ورقن ۾ زنده رکيو آهي پر سندن نانءُ اڄ تائين ڪروڙين دلين ۾ به زنده آهي. اهو سچ آهي ته مذهب، اصول، نظريي ۽ آدرش خاطر قرباني ماڻهوءَ کي امر ڪري ڇڏي ٿي. لطيف سائين سُر ڪيڏاري ۾ اهڙن سچن ڪردارن جي قربانيءَ جو ذڪر ڪندي سماج ۾ حق ۽ سچ جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي:

سختي شهادت جي، مِڙوئي ملهارُ،
ذرو نااهه يزيد کي، اي عشق جو آثارُ،
ڪُسڻ جو قرارُ، اصل امامن سين.
(سُر ڪيڏارو، داستان پهريون)

شاهه لطيف سنڌي سماج مان جيڪي جرئتمند ڪردارَ چونڊي پنهنجي شاعريءَ ۾ آندا آهن، انهن مان مورڙي ميربحر جو ڪردار نهايت اهميت جوڳو آهي. ان ڪردار جي سندس ٻين ڪردارن کان ان ڪري ئي وڌيڪ اهميت آهي، جو اهو جسماني طور مندڙو ۽ معذور هجڻ باوجود وڏو باهمت ۽ بهادر انسان آهي. مورڙي جي بهادريءَ جو اهو داستان شاهه سائين سُر گهاتو ۾ آندو آهي. ”هن سُر ۾ مورڙي ميربحر ۽ سندس ڇهن ڀائرن جو قصو آيل آهي. مورڙي جي ڀائرن کي ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، شڪار ڪندي مانگر مڇ ڳڙڪائي ڇڏيو، جتي هو ويچارا وڏي ماگر مڇ جو قوت ٿي ويا. ان مڇ اڳ به ڪيترن ئي انسانن کي نهوڙي نيو هو. ڪيئي ٻارَ يتيم ڪيا هئا ۽ ڪيترين زالون بيواهه بڻايون هيون. مورڙي ان مڇ جو... وڏي حڪمت ۽ ڏاهپ سان انت آندو.“[15]

مورڙو بظاهر سماج جو هڪ ڪمزور ڪردار آهي، پر جڏهن هو سماجي تبديلي (Social Change) ۽ اجتماعي مفادن خاطر پنهنجي هيڻاڻپ کي حوصلي ۽ حڪمت ۾ تبديل ڪري ٿو ته انسان دشمن قوتن جو انت اچي ٿو. ” ’بُري تي ٻچ‘ سر گهاتوءَ جو روح آهي. اهو جملو ازلي ۽ ابدي جدوجهد جو نشان آهي، جيڪا جدوجهد آهي برائيءَ خلاف. پوءِ برائيءَ خلاف چڱائي ڀلي ڪمزور هجي، پر بُري تي ٻچ ڪرڻي آهي.“[16] ڀٽائي سرڪار، مورڙي جي ڪردار ۾ سماج جي ڏتڙيل ۽ ڪمزور ڪردارن کي حوصلو ڏيندي، ظالم قوتن اڳيان برسرِ پيڪار ٿيڻ جو پيغام ڏنو آهي:

جيئن جهڳا پائين جهولَ ۾، ايئن نه مرن مڇَ،





سپرَ ڏار سمونڊ جا، ڪي رائون رڳيون رَڇَ،
هي ڇاڙون ۾ ڇَڇَ، اڃا اوڙاهه اڳانهون ٿيو.
(سُر گهاتو، داستان پهريون)

ڀٽ ڌڻيءَ جي رسالي اندر ڀاڱيءَ وارن سُرن ۾ ’سُر سهڻي‘ کي وڏي اهميت حاصل آهي. هن داستان جي سورمي ’سهڻي‘، ميهار تي ان حد تائين موهت آهي، جو پنهنجي گهر ۽ وَرَ کي ڇڏي اڌ رات جو گهڙي تي، دهشتناڪ درياهه پار ڪري وڃي ميهار سان ملي ٿي. لاڪي قلاٽيءَ جيان سهڻيءَ جو ڪردار به سنڌي سماج ۾ بظاهر هڪ منفي ڪردار آهي، پر ڀٽائي ان ڪردار کي پنهنجين ستن سورمين منجهان هڪ سورمي قرار ڏنو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين لکيو آهي: ”شاهه صاحب جهڙو هڪ مذهبي ماحول ۾ پليل ماڻهو، سماجي ڀلائي چاهيندڙ هڪ انسان، اهڙي ڪا به ڳالهه نه ٿو ڪري سگهي جيڪا سماج جي اجتماعي ڀلي جي خلاف هجي. سماج جي ڀلي ۾ اها ڳالهه ڪانهي ته ڇوڪرن ڇوڪرين جون شاديون سندن مرضيءَ خلاف ڪري هڪ منجهيل ۽ فرسٽريٽيڊ معاشري جو بنياد وجهجي...... شاهه صاحب سهڻيءَ جي معاملي ۾ سندس حمايت ان جي ڪري ٿو ڪري جو هو سندس مرضيءَ سان شادي ڪرڻ جي حق کي تسليم ٿو ڪري ۽ انهيءَ حق کان انڪار جي صورت ۾ پيدا ٿيندڙ بغاوت ۽ (defiance) کي فطري ۽ حقيقي ٿو ڄاڻي، ان ڪري سندس ميهار سان ملڻ ۾ ڪا بد اخلاقي نه ٿو سمجهي..... شاهه صاحب سهڻيءَ جي ميهار سان ملڻ کي جائز قرار ڏيندي چوي ٿو:

”ميثاقا ميهار سان، لڏيون مون لائون.“[17]

سهڻي ميهار جي صديون پراڻي داستان کي، سنڌ جي موجوده سماجي جوڙجڪ ۾ ڏسبو ته سهڻي ۽ ميهار کي ڪارو ڪاري تحت قتل ڪرڻ کان به نه ڪيٻايو ويندو ۽ ڏاها ۽ ڏاتيار، سماج سڌارڪ ڌريون ۽ سول سوسائٽي به سندن حمايت نه ڪري سگهندي، پر ڀٽائي صديون اڳ، سهڻيءَ جي متضاد ڪردار کي کڻي سنڌي سماج کي جيڪو سنيهو ڏنو آهي، تنهن کي ساڃاهڻ جي ضرورت آهي. ڀٽائيءَ جي نظر ۾ سهڻي ان ڪري سماج جو آدرشي ڪردار آهي جو هوءَ اسان جي معاشري ۾ عام طور ڪمزور سمجهي ويندڙ عورت هجڻ باوجود رڳو پنهنجي منزلِ مقصود کي حاصل ڪرڻ خاطر، جان جي خوف جي پرواهه ڪرڻ بنا جدوجهد ڪندي نظر اچي ٿي. جڏهن هوءَ پنهنجي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ماڳ ۽ منزل ڏانهن نهاريندي، درياهه پار ڪري ٿي ته هن کي نه ته ڪُنن جا ڪڙڪا ٿا ٻڌڻ ۾ اچن، نه درياهه جي خطرناڪ جانورن جو ڊپ ٿو لڳي ۽ نه ئي ڪاري رات ۽ ڪچي گهڙي جي خبر پوي ٿي. هن کي رڳو اها ئي تانگهه ۽ تڙپ آهي ته جلد وڃي ميهار سان ملاقاتي ٿئي.

ميهاران مهي، پيتائين پريم جي،
اُرِڪَ سُرڪ سيد چئي، لڳيس ڏوت ڏهي،
سگهي تان نه سهي، ملي جان نه ميهار کي.
(سُر سهڻي، داستان چوٿون)

سنڌي سماج ۾ سهڻيءَ جو ڪردار پنهنجي مقصد سان ڪميٽمنٽ ۽ جدوجهد جو اعليٰ مثال آهي ۽ شاهه لطيف ان ڪردار ڪي اهميت به ان ڪري ئي ڏني آهي جو هُنَ ان ڪردار وسيلي سماج ۾ انقلابي سوچ پيدا ڪرڻ پئي چاهي. ڀٽائيءَ چاهيو پئي ته پنهنجي فڪر، نظريي ۽ آدرش کي ساڻ ڪري، رستي جي تڪليفن جي خوف سواءِ پنهنجي منزل ۽ ماڳ ڏانهن وڌڻ يقيناً سماج ۾ مدي خارج سرشتي کي ختم ڪرڻ ۽ سماجي تبديليءَ جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو. تنهن ڪري هن سهڻيءَ جهڙي مزاحمتي ڪردار جي چونڊ ڪئي، ان ڪردار وسيلي حقيقت ۾ ڀٽائيءَ هڪ آدرشي انسان جي صورت پَسائي آهي.

شاهه لطيف جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته، هن پنهنجي رسالي جي الڳ الڳ سُرن ۾ جدا جدا قسم جي فقيرن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هر هڪ جي ذڪر منجهان عام لاءِ عملي جدوجهد ۽ نصيحت جا نڪتا ڪيڍي نروار ڪيا آهن. اهڙن فقيرن ۾ جوڳي، سامي، ڪاهوڙي، بيراڳي، سنياسي، آدوتي، لاهوتي، ڪاپڙي، نانگا، بابو، بکياري، بيڪاري، ڪن ڪٽ، ڪنوٽيا، ڪن چير، جبروتي، راول، ڪامل، سالڪ، عطائي، لانگوٽيا، گودڙيا، پوربي، پيوتي، منگتا، جاجڪ ۽ چارڻ شامل آهن. هونئن ته هن عنوان تحت انهن مان هر هڪ جو تفصيلي ذڪر ڪرڻ گهرجي، پر هتي انهن منجهان سماج ۾ چڱائيءَ جو ٻج پوکيندڙ ۽ ڀلائيءَ لاءِ عملي جدوجهد ڪندڙ چند اهم فقيرن جو تذڪرو نهايت ضروري آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سُر ڪاهوڙيءَ جا اهي متحرڪ ڪردار، جيڪي ذات جي تلاش ۾ آهن ۽ سُر رامڪليءَ جا اهي جوڳي ۽ سامي، جيڪي پنهنجي نفس کي ماري ميڻ ڪري زندگيءَ جو مقصد ماڻين ٿا، انهن جو ذڪر اڻ ٽر





آهي.

سُر ڪاهوڙيءَ جا جوڌا جوان متحرڪ زندگي، اڻ ٿڪ سفر ۽ جدوجهد جي علامت آهن. اهڙا ڪردار ئي سماج ۾ تبديليءَ جا نقيب ٿي اڀرندا آهن. شاهه سائين سنڌي سماج ۾ 'ڪاهوڙي' جي ڪردار کي اپاري مسلسل جستجو ۽ محنت وسيلي منزل جي حصول کي ممڪن بڻائڻ جو ڏس ڏنو آهي. "اهي ڪاهوڙي وقت جي رائج قدرن خلاف آواز اٿارين ٿا. مايوسيءَ ۽ پريشانيءَ ۾ ورتل ماڻهن کي پنهنجي عمل سان همت، حوصلو ۽ خود اعتمادي بخشين ٿا. ڪاهوڙين جي اهڙي روش کي، حاڪم ٽولو ۽ انهن جا چاڙتا پلو نه ٿا پائن. ان ڪري سڀ انهن جي خلاف ٿيو پون ٿا ۽ قدم قدم تي ڪين تڪليفون ڏيندي، سماج جي انهيءَ راهه تان ڪين روڪين ٿا، پر اهي ڪاهوڙي 'جيئن جيئن جهلي جڳُ، تيئن تيئن مون تاڪيد ٿئي' جي اصول مطابق اڳتي وڌندا رهن ٿا."(18) انهن کڏهن ويهڻ سکيو ئي ناهي. هو سخت تڪليف ۽ اذيت واري زندگيءَ تي به خوش آهن. سندن مُنهن سُڪي ويا آهن، پيرن ۾ ڪرڪٽا آهن، پر همت هاري نه ويٺا آهن. پرهه ڦٽيءَ سان ئي وري پنهنجي منزل ۽ ماڳ ڏانهن وڌڻ جا سانباها پيا ڪن:

سُڪا مُنهن سندن، ڪرڪٽا پيرين،
وهاڻيءَ ويرين، اُڻ تُڻ هُيِنِ اڳَ جي.
(سُر ڪاهوڙي، داستان پهريون)

ڀٽائي سُر ڪاهوڙيءَ ۾ اهڙا بي ڊپا، بهادر ۽ حوصله مند ڪردار پيش ڪري، ڪاهليءَ جي چادر اوڙهي ستل انسانن کي سجاڳيءَ جو سڏ ڏنو آهي. بظاهر اهي ذات جا متلاشي ۽ گنجي ڏونگر گام جا راهي آهن، پر حقيقت ۾ اهي محنت ۽ جدوجهد وسيلي سماج کي تبديل ڪرڻ چاهين ٿا. ڊاڪٽر غلام نبي سڌايي لکيو آهي: "ڪاهوڙي انهن ماڻهن جو اتحادي گروپ هو، جيڪي سنڌ جي آزادي ۽ بقا واري ويڙهه ۾ هراول دستي طور ڪم ڪندا رهيا. اهي اهڙا ته سچا ۽ حساس، قومي درد رکندڙ انسان هئا، جن کي پنهنجي سماجي ڏکن ۽ امنگن جي چڱي ريت ڄاڻ هئي. هنن کي صرف اها ئي ڳڻتي هئي ته، سنڌي سماج کي هڪ آزاد ۽ خوشحال سماج بڻائي پيش ڪجي. اهڙن قدرن جي حاصلات لاءِ سماج مان ڪينو، ڪٽرپڻو ۽ ڪانئرپڻو ختم ڪري، يگانگت، پيار ۽ محنت جو سلو سندن دلين ۾ اپارڻو هو. سچ، سونهن ۽ نيڪيءَ جي فلسفي کي عام ڪرڻو هو. انفرادي سوچ بدران اجتماعي شعور کي اجاگر ڪرڻو هو. انهن مقصدن کي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ماڻهن لاءِ ڪاهوڙين، پنهنجي وجود کي وساري، انساني ڀلائي ۽ ڀائيچاري واري فضا بحال ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون.“[19]

شاهه جي سُر رامڪليءَ ۾ وري انهن جوڳين جو ذڪر آهي، جن سان شاهه سائين پنهنجي حياتيءَ جا سچا سارا ٽي سال سنگت ۽ صحبت ۾ رهيو. هن سُر ۾ جوڳين جي جدا جدا قسمن جو ذڪر مليو ٿو، جن مان گهڻن جو مٿي ذڪر ڪري چڪا آهيون. ڀٽائي هنگلاج، ناني، لاهوت، لڪپت، دوارڪا، گنجي ڏونگر گام، جهونا ڳڙهه ۽ ٻين تيرٿن، تڪين ۽ آستانن تائين ساڻن گڏ سفر ڪيو ۽ سندن طرزِ زندگي، سماجي حالتن، ريتن رسمن، عادتن، پوڄا پاٺ جي طريقن، تن تسيا، تن تپسيا، جوڳ، ارتيءَ جي اورڪ، ايشور مهما ۽ سندن مختلف نظرين جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو ۽ سندن زندگيءَ مان ڪيئي ڪارائتا نڪتا ڪڍي نروار ڪيا. تصوف جي رمزيت ۾ پلي ڪوئي ’جوڳ‘ جو مطلب سماج کان ناتا ٽوڙي ڇڏڻ سمجهي، پر حقيقت ۾ ’جوڳي‘ هڪڙا انقلابي ۽ آدرشي انسان آهن. جيڪي ڏورانهين ڏيهه ۾ پنهنجا آستان جوڙين ٿا. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي تاريخي ۽ علامتي حوالي سان ڏسبو ته، انهن جوڳين، سامين ۽ ڪاپڙين جا ڪردار هڪ آزاد سماج لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ جوڌن جا ڪردار محسوس ٿيندا. بدر ابڙي پنهنجي ڪتاب، ’سنڌ جو شاهه‘ ۾ سُر ڪاهوڙي ۽ سُر رامڪليءَ جي انهن ڪردارن کي شاهه عنايت شهيد جا اهي ساٿي قرار ڏنو آهي، جيڪي سنڌس تحريڪ جا سرگرم ڪارڪن هئا ۽ جهوڪ واري جنگ مان بچي نڪرڻ بعد Under ground ٿي ويا هئا. سُر رامڪليءَ جي ٻئي داستان ۾ ڀٽائي پنهنجن بيتن ۾ انهن جوڳين لاءِ ”لڪا پٽن لوڪ ۾“ جا لفظ استعمال ڪيا آهن. ” ’لڪا پٽن لوڪ ۾‘ ظاهر ڪري ٿو ته هو ڳجهن ٺڪاڻن تي آهن.“[20] سُر رامڪليءَ جو پهريون بيت ئي جوڳين جي اهميت، ڪردار ۽ جدوجهد جي شاهدي ڏئي ٿو:

نوري ۽ ناري، جوڳيئڙا جهان ۾،
ٻري جن ٻاري، آئون نه جيئندي ان ري.
(سُر رامڪلي، داستان پهريون)

هتي شاهه سائين جوڳين جي ٻن قسمن جو ذڪر ڪيو آهي، پر فرمائي ٿو: ”جيڪي جوڳيئڙا پاڻ کي جلائي جڳ کي روشني ڏين ٿا، مان انهن کان سواءِ نه ٿي جِي سگهان. ’ٻري جن ٻاري‘ خود سپردگي ۽ قرباني جو انوکو استعارو آهي.“ بدر ابڙو لکي





ٿو: ” ’آئون نه جيئندي ان ري‘ جو بار بار تڪرار سُر رامڪلي جي پهرين داستان جي سونهن آهي. اها سٽ ڀٽائيءَ جي ڪاهوڙي تحريڪ ڏانهن مڪمل ارپنا جو مڪمل ثبوت آهي. شاهه لطيف اسان کي سُر ڪاهوڙي ۾ ڪاهوڙين جي تلاش ۾ گهمندو نظر اچي ٿو، ڇاڪاڻ ته هو سندن مقصدن کان چڱيءَ طرح واقف هو ۽ وڌيڪ ويجهڙائپ جي خواهش رکيائين ٿي. سُر رامڪليءَ ۾ ڀٽائيءَ جي ساڻن ملاقات، سندن جماعت ۾ شموليت ۽ ان کان پوءِ آخر تائين سموريون حالتون ۽ تن جو تجزيو ترتيبوار موجود آهي.“[21] اڳتي هلي ڀٽائي مختلف بيتن ۾ انهن جوڳين جون وصفون بيان ڪيون آهن ۽ انهن گڻن کي ڏسندي محسوس ٿئي ٿو ته رامڪليءَ جا جوڳي شاهه جي نظر ۾ سماج جا اعليٰ ۽ آدرشي انسان آهن.

شاهه جي شاعريءَ ۾ انفرادي ڪردارن منجهان جدوجهد جو عظيم مثال ’سسئي‘ آهي. لطيف، سسئي پنهون جي داستان کي پنهنجي رسالي جا سچا سارا پنج سُر ارپيا آهن. شاهه جي جاکوڙيندڙ ڪردارن مان سسئي ان ڪري عظمتن جي معراج تي نظر اچي ٿي، جو هوءَ عورت هجڻ جي ناتي بظاهر اسان جي سماج جو هڪ ڪمزور ڪردار آهي، پر پنهنجي ورَ جي ڳولا ۾ سندس عملي جدوجهد بي مثال آهي. ڀٽائي ان ڪردار وسيلي ماڻهوءَ کي پنهنجي مقصد ۽ منزل ماڻڻ لاءِ اڻ ٿڪ محنت ۽ جستجو جو پيغام ڏنو آهي. شاهه سائين هن سُر ۾، سسئي جي فطري جذبن ۽ احساسن کي ايڏي خوبصورت نموني چٽيو آهي، جنهن جو ڪو جواب نه آهي. ڀٽائي جا سسئيءَ وارا سُر پڙهندي ڪٿي هوءَ اپري، ڪمزور ۽ معذور محسوس ٿئي ٿي ته ڪٿي وري ڏونگرن کان وڌيڪ سخت ۽ حوصلي مند. سسئيءَ وارا اهي سُر پڙهندي محسوس ٿئي ٿو ته جڻ سسئي جي ڏونگرن ڏورڻ پنيان ڪو ڀٽائيءَ جو حوصلو به موجود هو جو ايڏي اٽانگي سفر ۾ متجندڙ ڪيفيتن باوجود هُن اهو پاهڻي پنڌ جاري رکيو.

ٿڪيائي، ٽر ٽيل، چَڙهُه چُڪيائي، چوٽيين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پئو مڙيئي پيل،
اٿي رائو ريلِ، وينن تان واري وري.
(سُر سسئي آبري، داستان اٺون)

اصل ۾ سسئي پنهونءَ جو داستان سماج ۾ رائج طبقاتي سرشتي، ڏاڍي ۽ هيڻي، ظالم ۽ مظلوم جو داستان آهي. هونئن ته سسئيءَ جي ڏيرن سندس پنهل کي ڪٽي ساڻس دوکو ڪيو، پر حقيقت ۾ ان داستان اندر آري جام ۽ سندس پُٽَ اهڙي استحصالي قوت جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

علامت طور آيل آهن، جن سدائين اپوجهہ ۽ غريب ماڻهن جي حقن تي ڌاڙو هنيو آهي. سسئي هڪ غريب گهراڻي جي ڌيءُ آهي ۽ آري ڄام ۽ سندس پُٽَ حاڪم طبقي منجهان آهن، تنهن ڪري هن داستان ۾ سماج ۾ رائج طبقاتي نظام واري صدين جي ڪهاڻي ورجايل آهي، پر هن قصي جو هڪ روشن پهلو، جنهن کي لطيف سائين خوب اجاگر ڪيو آهي، اهو آهي ان طبقاتي سرشتي خلاف اڪيلي عورت جي جدوجهد ۽ ان جدوجهد منجهان ئي سسئيءَ جي ڪردار جو سماجي ڪارج واضح ٿئي ٿو.

واڪيو واڪيو وڪَ، پاپوهيو پيرَ ڪٽي،
سي نہ چڙهنديون ڏِڪَ، موڙي پير مَرَن جي.
(سُر حسيني، داستان ڏهون)

شاهہ لطيف جي سورمين منجهان 'مارئي' هڪ اهڙي سورمي آهي، جيڪا اقتدار جي نشي ۾ چور حاڪمَ عمر سومري جي چنبي ۾ ڦاسڻ باوجود پنهنجي آزاديءَ لاءِ مزاحمت ڪندي رهي ٿي. ان ڪري مارئي، ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو هڪ اڏول ڪردار آهي. هوءَ پنهنجي وطن ۽ ڪکن سان بي انتها محبت ڪري ٿي ۽ پنهنجي محبوبَ کيت کي بہ ساري ٿي. هوءَ عمر جي ڏاڍَ کان نہ رڳو نفرت ڪري ٿي، پر سندس هر آڇ کي ٺُڪرائي ڇڏي ٿي، ڇوتہ هن کي پنهنجي لوئي ۽ لڄ عزيز آهي. هوءَ سون تي سيڻ مٽائڻ نہ ٿي چاهي ۽ عمر جي ڪوٽ ۾ اچي ڪا ڪُڌي ريت نہ ٿي وجهڻ چاهي، ڇوتہ کيس پنهنجن پکن ۽ ڪکن سان پريت آهي، جيڪا ماڙين ۽ محلاتن جي ڪري ڪڏهن ختم ٿي نٿي سگهي. هوءَ آخر تائين ثابت قدم رهي ٿي ۽ ست جي سودي لاءِ تيار نہ ٿي ٿئي. "لطيف سائين پنهنجي سماج جي ضعيف ۽ نازڪ حالت ڏسي، مارئيءَ جو تصور ڏنو آهي. لطيف انهيءَ تصور ذريعي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سچائي ۽ همت هروڀرو سرمائيدارن ۽ حاڪمن جو سرمايو نہ آهي."[22] محمد حسين ڪاشف لکيو آهي: "جتي مارئي، انساني آزادي، پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت، پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب سان اٽوٽ انگ جي نشاني آهي، اتي هوءَ ظلم، زور، زبردستي، ڏاڍ ڌڪاءُ، جبر، غلامي ۽ سماجي ڪُنياءُ خلاف هڪ آواز ۽ آدرش آهي."[23]

جي لوڻُ لڳين لائيين، چيري چيري چمُ،
مون ڪُرَ اڳ نہ ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعويٰ دمُ، تان تان پرت پنهوار سين.





(سُر مارئي، ابيات متفرقہ)

شاهہ لطيف، سُر ڪاپائتيءَ ۾ سنڌي سماج جي اهڙين پورهيت عورتن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي ائٽ تي سُٽُ ڪتڻ جو ڪم ڪن ٿيون. هن سُر ۾ ڀٽائيءَ نہ رڳو هٿ جي هنر ۽ پورهيي جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي، پر ڪاپائتين جي اعليٰ ڪردار کي پڻ ساراهيو آهي. ڳڙ و ڳڙڪين عمده ڪم ۽ ڪاريگريءَ جا ڳُرَ ۽ صرافن وٽ سودو سَڙو ٿيڻ جا ڏس بہ ڏنا آهن. آتڻ ۾ سُٽ ڪتيندڙ اهي عورتون، هڪ طرف سماج ۾ پورهيي جي اهميت ۽ افاديت کي اجاگر ڪن ٿيون تہ ٻئي پاسي محبت، نياز ۽ نوڙت جو نمونو بہ آهن. شاهہ سائين هن سُر ۾ ڪاپائتين سان مخاطب ٿيندي جيڪي نڪتا بيان ڪيا آهن سي ڪجهہ هن ريت آهن: "ڪتڻ واري جيڪڏهن ماهر آهي تہ پنهنجي مهارت تي هوڏ هٺ نہ ڪري، پر نياز ۽ نوڙت سان نباهي. ڪتڻو آهي تہ ڌيان سان ڪتڻو آهي، وقت وڃائڻو ناهي ۽ پورهيي ۾ مشغول رهڻو آهي. محنت سان سنهڙو سڙرو سُٽ ڪتڻو آهي، ڇاڪاڻ جو صاف سهڻو ڪتيل سُٽ پارکن کي پسند ايندو ۽ وڏي اگهہ ۾ وڪامندو."[24] پر جيڪڏهن ان سنهي نفيس ڪم ۾ پورهيت جي محبت شامل نہ آهي تہ اهڙو ڪم صرافن کي بہ قبول نہ هوندو، تنهن ڪري پورهيي ۾ محبت جو شامل هجڻ لازمي جز آهي. "ڀٽائي گهوٽ ڪاپائتيءَ کي ويندڙ وقت جو احساس ڏياريندي فرمائي ٿو: وقت ڪنهن جو انتظار ڪونہ ڪندو آهي، تنهن ڪري وقت جو قدر ڪر. اُٿي چرخو چور. محبت سان محنت ڪر. ويڳاڻين جيان ويهي نہ رهہ. جيڪڏهن تو اڄ محنت ڪانہ ڪئي تہ سياڻي صراف تنهنجو اڌوگابرو ۽ بي توجهيءَ سان ڪتيل سُٽ تنهنجي منهن تي موٽائي هٽندا، پوءِ ان وقت توکي پشيمانيءَ جا هٿ مهٽڻا پوندا."[25] ڀٽائي سرڪار، ڪاپائتيءَ جي ڪردار وسيلي سماج جي انهن ڪاهل ۽ ڪمزور ماڻهن کي اهو سنيهو ڏنو آهي تہ پنهنجي ڪم سان محبت، سچائي ۽ سچيتائي، سماجي تبديلي ۾ ڪارگر ڪردار ادا ڪري ٿي، ان کان علاوه سجاڳي ۽ وقت جو قدر، اجتماعي قومي ڀلائي ۽ سماجي اڏاوت جا اهم ٿنڀا آهن، تنهن ڪري محبت واري محنت تي يقين رکندي، پنهنجو وقت وڃائڻ بنا سماج ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

جان ڪتين تان ڪِتُ، هيءَ هڏ وهاڻي،
ڪاپائتي سيڪا، ڪِتي سيباڻي،
ڄاتو جن ڄاڻي، تن هٿان پَهي نہ ڇڏي.

(سُر ڪاپائتي، داستان پهريون)

لطيف سائينءَ هڪ پاسي ڪاپائتيءَ کي نياز ۽ نوڙت جي تلقين ڪئي آهي تہ ٻئي طرف 'سُر ڪاموڏ' ۾ هڪ اهڙو ڪردار پيش ڪيو آهي، جيڪو عملي طور سراپا عجز و نياز آهي. اها ڳالهہ واضح هجي تہ ڀٽائي جڏهن نوڙت ۽ انڪساريءَ جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ ان جو اهو مطلب هرگز نہ آهي تہ شاهہ غلاميءَ جي ترغيب ڏئي ٿو. لطيف تہ پنهنجن ڪردارن وسيلي غلاميءَ جي زنجيرن کي ٽوڙڻ جو ڏس ڏنو آهي. سُر ڪاموڏ ۾ نوريءَ جي عاجزي ۽ نوڙت انسان جي اعليٰ گڻن کي ظاهر ڪري ٿي. ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪي ڪردار ڏنا آهن، اهي اعليٰ سماجي قدرن جي پاسداري ڪن ٿا. نوري سنڌي سماج جي هڪ اهڙي عورت آهي، جيڪا نياز ۽ نوڙت جو بي مثال نمونو آهي. اهڙي طرح نوريءَ کي پنهنجي خودداري، عزتِ نفس ۽ اصل جو بہ احساس آهي، هوءَ ڄام تماچيءَ جي راڻي ٿي وڃڻ جي باوجود پنهنجي اصليت کي نہ ٿي وساري:

تون سمون آئون گندري، مون ۾ عيب اپار،
پسي ليءَ لغار، متان ماڳُر متيين.
(سُر ڪاموڏ، داستان پهريون)

شاهہ سائين، نوريءَ جي ڪردار وسيلي سماج جي ڌتڪار، پيڙهيل ۽ پورهيت طبقي کي اخلاق ۽ اعليٰ ظرف جي بنياد تي مانائتو مقام ماڻڻ جو سنيهو ڏنو آهي. هن داستان ۾ ڄام تماچيءَ جو ڪردار بہ انتهائي اهميت ۽ اعليٰ رتبي وارو آهي، جيڪو نوريءَ جي حسن ۽ نياز سبب انهن جي اوطاق تي بہ وڃي ٿو، جن جي گوڏ ۾ گند آهي ۽ سندن پوشاڪ پاپوڙن جا پن آهي. تماچيءَ جي اها غريب پروري يقيناً قابلِ قدر آهي. لطيف سائين تماچيءَ جي ڪردار وسيلي پنهنجي دور جي حڪمران نور محمد ڪلهوڙي کي بہ پنهنجي قوم ۽ عوام تي ديا ڪرڻ جو درس ڏنو آهي. ان دور ۾ سنڌي ماڻهو، خاص طور غريب طبقو سخت انتشار ۽ بي چينيءَ جو شڪار هو، تنهن ڪري ڀٽائي، تماچيءَ جيان ڪلهوڙي حاڪم کي انهيءَ غريب نوازي ۽ سماج جي هيٺين طبقي سان همدريءَ لاءِ اتساهيو.

ڪڪيءَ هاٽيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاٽا ڇڄ،
پاند جنين جي پاند سين، لڳو تئي لڄ،
سمون ڄامُ سهڄ، ايو ڪري ان سين.





(سُر ڪاموڏ، داستان پهريون)

شاهہ لطيف مٿين ڪردارن وسيلي هڪ ڪامل انسان تخليق ڪرڻ چاهيو آهي. اهڙو انسان جنهن کي سماجي ڀلائيءَ جو اجتماعي شعور هجي، جيڪو اقتداري ڌرين ۽ استحصالي قوتن جي هٿ ڪنڊن کان ڊڄڻ وارو نہ هجي، جيڪو وطن دوست هجي ۽ اڻ برابريءَ واري نظام کي قبول نہ ڪري. شاهہ سائين پنهنجي سمورن مثبت ڪردارن وسيلي جيڪو انسان ٺاهيو آهي اهڙو مثالي ڪردار نطشي جي فوق البشر ۽ اقبال جي مردِ مومن کان بہ مٿاهون ٿو لڳي. اهي سڀئي گڻ جيڪي سماج ۾ اعليٰ سماجي قدر پيدا ڪن ٿا، اهي يقيناً چڱائي ۽ انقلابي تبديليءَ جو باعث آهن.

## حوالا

1. عباسي، تنوير، 'شاهہ لطيف جي شاعري'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2000ع، ص: 255 - 56.
2. شاد، بشيراحمد، ڊاڪٽر، 'عرفانِ لطيف'، مهراڻ اڪيڊمي، 1993، ص: 130.
3. عباسي، تنوير، 'شاهہ لطيف جي شاعري'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2000ع، ص: 231.
4. ڪاشف، محمد حسين، 'لطيفي فڪر ۽ سُرن جي ساڃاهہ'، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، 2005ع، ص: 210.
5. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'شاهہ عبداللطيف ڀٽائي- مقالا ۽ مضمون'، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ، 2012، ص: 190.
6. شاهواڻي، غلام محمد، (مولف)، 'شاهہ جو رسالو'، سنڌيڪا اڪيڊمي، ٻيو ڇاپو، 2005، ص: 857.
7. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'شاهہ عبداللطيف ڀٽائي- مقالا ۽ مضمون'، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ، 2012، ص: 387.
8. سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، 'شاهہ لطيف جو علامتي شعور'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 141.
9. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'شاهہ عبداللطيف ڀٽائي- مقالا ۽ مضمون'، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع، ص: 387.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

10. شاد، بشيراحمد، ڊاڪٽر، ’عرفانِ لطيف‘ مهراڻ اڪيڊمي، 1993ع، ص: 210.
11. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي- مقالا ۽ مضمون‘، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع، ص: 447.
12. سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف جو علامتي شعور‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 112.
13. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ‘، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، سنڌ، ٻيو ڇاپو، 1980ع.
14. يوسفاڻي، معمور، ’ست سورهيه ڏهه ڏاتار‘، مهراڻ اڪيڊمي، 1999ع، ص: 82.
15. شاد، بشيراحمد، ڊاڪٽر، ’عرفانِ لطيف‘ مهراڻ اڪيڊمي، 1993ع، ص: 106.
16. عباسي، تنوير، ’شاهه لطيف جي شاعري‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2000ع، ص: 292.
17. فهميده حسين، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ‘، شاهه لطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، 1993ع، ص: 325.
18. سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، ’شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري‘، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1992ع، ص: 277.
19. سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف جو علامتي شعور‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 98.
20. ابڙو، بدر، ’سنڌ جو شاهه‘، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ، ڪراچي يونيورسٽي، 2000ع، ص: 92.
21. ساڳيو، ص: 113.
22. سڏايو، غلام نبي ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف جو علامتي شعور‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 119.
23. ڪاشف، محمد حسين، ’لطيفي فڪر ۽ سُرن جي ساڃاهه‘، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 2005ع، ص: 151.
24. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر، ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي- مقالا ۽ مضمون‘، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع، ص: 384.







25. شاد، بشير احمد، ڊاڪٽر، ’شاهه لطيف- هر دور جو شاعر‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، 2008ع، ص: 153.

♦ مقالي ۾ ڪتب آيل شاهه لطيف جا بيت غلام محمد شاهواڻي جي مرتب ڪيل ’شاهه جو رسالو‘ تان کنيا ويا آهن:

شاهواڻي، غلام محمد، مرتب: ’شاهه جو رسالو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٻيو ڇاپو، 2005ع.